# پل پل جا پوُر

## (ڪوتا سنگرهه)




PAL PAL JA POOR (Collection of Poems) | پل پل جا پوُر (ڪوتا سنگرهه)

Poet : **Dilip Tekchandani 'Saaz'** | رچناڪار :دليپ ٽيڪچنداڻي 'ساز'

**www.sindhigulab.com**

# پل پل جا پوُر

(ڪوتا سنگرهه)



## دليپ ٽيڪچنداڻي ’ساز‘


PAL PAL JA POOR (Collection of Poems)
Poet : **Dilip Tekchandani 'Saaz'**
**www.sindhigulab.com**

پل پل جا پوُر (ڪوتا سنگرهه)
رچناڪار :دليپ ٽيڪچنداڻي ’ساز‘

# پل پل جا پوُر

## (ڪوتا سنگرهہ)


رچناڪار : دليپ ٽيڪچندا ڻي 'ساز'

2 - ئي وارڊ، نهرو چلڊرن پارڪ پرسان،

راجاوير روڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد-382340.

فون : (گهر) 22805454 (079)، موبائيل : 9998112981

ويبسائيٽ : **www.sindhigulab.com**



دفعو : پهريون    ڪاپيون : 500

سال : 2008    قيمت : 80 رپيا

ڇپائيندڙ:ليکڪ



حق واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


# PAL PAL JA POOR

## (Collection of Poems)


Author : **Dilip Tekchandani 'Saaz'**

Address : E - ward, House no. 2, B/d. Nehru Children Park,
Kubernagar, Ahmedabad - 382340.

Phone : R - (079) 22805454    Cell : +91 - 9998112981

Website : **www.sindhigulab.com**

email : sindhigulab@gmail.com



Edition : 1st    Copies : 500

Year : 2008    Price :Rs. 80/- (Rs. Eighty)



Rights Reserved with Author



PAL PAL JA POOR (Collection of Poems)    پل پل جا پوُر (ڪوتا سنگرهہ)

Poet : **Dilip Tekchandani 'Saaz'**    رچناڪار :دليپ ٽيڪچندا ڻي 'ساز'

**www.sindhigulab.com**

مهاڳ...

# نئين قلم جي نواڻ...

جَسُ ناهي جي، جيون ڪهڙو،
ڏُويش ڀريو آ من ڪهڙو؟

(ص-29)

ها، صاف سُٿري من رکڻ جي حمايت اسان جي ويدن-پُراڻن ۽ ٻين ڪيترن ڌرمي پستڪن ۾ ٻه ڪيل آهي ته ڀارت جي وديش نيتيءَ ۾ ٻه ذڪر هيٺ آيل آهي، ”تون ٻه رهه، مان ٻه رهان“ ڀارت جي پرڏيهي نيتي پئي رهي آهي. هيءُ گانڌي ۽ گوتم جو ديش آهي، جتي جيوَ هتيا پاپ ڪري سمجهيو ويندو آهي ۽ جَسَ بنا جيون اَڌورو ڪري ليکيو ويندو آهي. ڀارت جي پراچين سڀيتا سنڌو نديءَ جي ڪناري تي اُسريل آهي ۽ اسان، يعني سنڌي قوم موهن جي دڙي جا وارث آهيون ۽ آد ڄڳاد کان اسان جي ڀارت ملڪ جو آدرش ’ستيم، شوم ۽ سندرم‘ تي رهيو آهي ۽ اهڙي ملڪ ۾ جَسَ ڀريو جيون ئي سچو جيون آهي.

جَسُ ۽ ڪُجسُ ماڻهوءَ جي ستڪرم ۽ ڪڪرم تي مدار ٿو رکي، سداحيات مهاڪوي ڪشنچند بيوس صاحب جو هڪ غزلي شعر آهي:

ڦري سنسار جو چرخو، سچائي جي سرائيءَ تي،
منديل ماندڻ دنيا جو سچو آهي سچائيءَ تي!

مذڪور ويچار جي مدنظر مٿاڙي ۾ ڏنل غزلي شعر صحيح سوچ جو نمونو آهي. سنڌي ڀاشا، سنڌي ساهت ۽ سنڌي ڪلا، سڀني جي وڪاس جي ڪڙي سنڌيت يا سنڌيپڻي سان جڙيل آهي.

سنڌي ڀاشا جو واڌيو، گهرن ۾ ٿئي، اهڙي جُنبش مرڪزي اڪادمين ۽ ٻين راڄين اڪادمين پاران هلندي پئي رهي آهي. ڪيترا ورڪشاپ پڻ وجود ۾ اچي رهيا آهن، جن مان ڪيترا نوان قلمڪار نڪري نروار ٿيندا رهن ٿا، پوءِ ڪويتا وياڳه هجي يا ڪهاڻي وياڳه يا مضمون توڙي ناٽڪ روپ رچنائون هجن؛ نئين قلم جي نواڻ پسڻ/چکڻ لاءِ ملي ٿي. گجرات سنڌي اڪادميءَ ڪوتا سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ ٻه ورڪشاپ 2007 جهونا ڳڙه ۾، جنهن ۾ ٿي گائيڊس: واسديو موهي، هي بندو

(پڳوان نردوش) ۽ لڪشمڻ دبي مقرر ڪيا ويا هئا ۽ ٻيون ورڪشاپ هن سال (2008) احمدآباد جي مڻينگر وستار ۾ رکايو ويو هو جتي گائيڊ طور هيءُ بندو، ارجن حاسد ۽ واسديو موهي هئا. انهن ٻنهي ورڪشاپن توڙي کهاڻي ۽ ناٽڪ ورڪشاپن، کهڙي ٻه سرڪاري، نيم سرڪاري يا غير سرڪاري ساهت/ڪلا سنسٿائن پاران آيوجت ڪيل هجن، اُتي ڪيترا نئين ٿهيءَ جا جوان-جوانڙيون اچن ٿا، جن مان ڪي ڪاليجي وديارٿي آهن ته ڪي اِسڪولي شاگرد يا وري ڪي سرڪاري نوڪرين وارا يا سنڌي ماڌيم ۾ پاڙهيندڙ اُستاد شامل ٿين ٿا. اهڙن سکيا وٺندڙن مان ڪجهه شاعر/ليکڪ ساهتيڪ ميدان ۾ ظاهر ٿيا آهن ۽ ان ترتيب ۽ سکيا ذريعي گهڙجي تيار ٿيل هڪ نئون شاعر آهي دليپ ٽيڪچنداڻي 'ساز'.

سندس چاچو سداحيات پچلال ٽيڪچنداڻي سنڌي ڪلاڪار منڊل جو هڪ سڪريه ۽ لوڪپريه ڪاميڊين اسٽيج ڪلاڪار هو، ان جي رهنمائي هيٺ دليپ ٽيڪچنداڻي ناٽڪ ۾ ڪلاڪاري ڏيکارڻ جو فن پڻ حاصل ڪيو آهي ته شاعريءَ جو شوق پڻ مون جهڙن اُستادن ذريعي حاصل ڪيو اٿس.

شاعري اهڙو هنر آهي، جو 'جان جيءُ، تان پڙه ۽ سک' وارو اصول اپنائڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. ان اصول کي اپنائي دليپ ٽيڪچنداڻيءَ پنهنجو پهريون شعرن جو مجموعو : ''پل پل جا پوُر'' عنوان سان ڇپائي ظاهرڪيو آهي، جنهن ۾ هن فن ۽ فڪر، ٻنهي سان نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

نئين قلم جي نئين ڪاوش جا چند مثال :

- سخا کي آ سمجهيو، خدا جي ڏراوت،
ڪريون ٿا تڏهن ئي سين سان سخاوت.

(ص-....)

(پرم پتا پرماتما جي اُستتي ڪرڻ جي ماڊرن ٽڪنيڪ)

نئون قلمڪار دليپ ٽيڪچنداڻي خود سچائيءَ جو اظهار ڪري چوي ٿو :

- غزل جو سکڻ فن برابر ڏکيو،
اڃا هاڻ ئي مون آ سوچڻ سکيو.

(ص-3)

- آتنڪ جا، جي پوٽ ٻچائن،
تعصبي، سي پيي هچارا ڏسان ٿو!

(ص-14)

ڀارت ۾ وقت به وقت آتنڪوادي حملا ان جا زنده مثال آهن. بهرحال هن شعري مجموعي ۾ غزلن سان گڏ گيت، ترائيل، ۽ ڪوتائون پڻ آهن، جن ۾ الڳ الڳ وشيه، سماج، ملڪ ۽ دنيا جي حالات جي عڪاسي آهي. روايتي چيزون پلي گهٽي انداز ۾ هجن پر ڪٿي ڪٿي موزون شعر به موج وٺائن ٿا:

پنهنجي جيون جي جهانڪيءَ کي ”ساز“ ڏسو ڪيئن ٿو ڀاڪي پائي:

- سک ۾ ڪڏهن مون ڪيا نه ماٺا،
دک ۾ دانهن ڪري نه چاٽا،
ڪڙي قاتل جو هيراڪ آهيان،
ڀاڳ ڪرم سان آنءُ ٿو ٺاهيان.
اِئين ئي جيون جرڪايان ٿو،
گيت خوشيءَ جا مان ڳايان ٿو.

(ص-25)

سندس ترائيل جون ڀريون چار سٿون : ص-.....

- لغڙ مثل ٿو ماڻهو اُڏامي
ڏور ته پريوءَ جي هٿ آهي،
ڪاٽا ڪري يا ڪٽي ڪيرائي،
لغڙ مثل ٿو ماڻهو اُڏامي.

(سهٽي تشبيه. ص-41)

تشبيه جو هڪ ٻيو مثال : ترائيل جون ڀريون چار سٿون (ص-47)

نياز پريون هيِ يار جون اکڙيون،
پيار اُنهن ۾ آهي نيارو،
هيِ اکڙيون پاسن جڻ ڪي سکڙيون،
نياز پريون هيِ يار جو اکڙيون.

’ساز‘ تخلص سان نئون قلمڪار نباهيندو، سو ان ڪري ٿو چوان جو خود هوُ

هڪ غزلي مڪڙي واري شعر ۾ قبولي ٿو تہ:

سچڻ شاعري تون، غزل مان لڳان،
چون لوڪ سيئي ۽ وچندو مان رهان.

(ص- 7)

رچناڪار جو اندريون ڪلاڪار بغاوت جي نوع کي اپنائي، بي باڪ هئڻ چوي ٿو تہ،

ڊمرو وويڪ جو تہ وڃي ٿو،
تہ بہ ماڻهو ڪِٿ کو جڳي ٿو؟

(ص- 8)

اڄ جو ماڻهو، اصول تاڪ تي رکي پوءِ وهنوار ڪندڙ ثابت ٿيو آهي، 'نام بڙي، درشن ڇوٽي' ان سان تنقيدي مدو ٿئي ٿو.

نئين قلم جو رچناڪار هيئن پڇي ٿو ۽ جواب بہ پاڻ ڏئي ٿو تہ،

جام شباب جو پياري هر هوش
ڪٿي هلي ويئي هوءِ....

(ڪوتا - ص....)

رستي جو پٿر اِنسان تي چٿرون ڪري تہ ڪيئن لڳي؟

پٿر ڪليو/ٺهڪ ڏيندي ڪليو/منهنجو قصور ناهي اِهو/نئڙت ۽ سجاڳيءَ ڪان دور/اوچو ڳات ڪري هلندڙ/هميشه ٺيندي دڪي، بس/ڪائيندو آهي ٺوڪر.

آخر ۾ نئين قلم جي ڪاوش جو جلويدار شرارو

(نئين ڪوتا جون آخرين چند مصرائون-ص-.....)

من کي مارڻ يا/رانوڻ کي مارڻ/هرڪنهن جي وس ۾ ناهي/هزارن ۾ هڪ/ڪنهن يگہ ۾/پيدا ٿيندو آهي رام/ان من جي رانوڻ کي/مارڻ لاءِ ۽/اڄ سوڏو ماريندو اڇي ٿو/ائين وهنوار جي وهڪري ۾/وهندا رهن ٿا/بڻجي من رانوڻ جو ۽/ڀڳوان.

اُميد تہ 'ساز' جي سُرن کي لئہ ۽ تال ضرور ملندو، ها ضرور ملندو ساراه جو لئہ ۽ تال.

**- ڀڳوان نردوش**

Bhagwan "Nirdosh"
C-17, Ashray Flats, Nr., Indra Bridge,
Hansol, Sardarnagar, Ahmedabad-382475.

# دليپ ٽيڪچنداڻي هڪ نوجوان هڪ تجلو...

اڄ احمدآباد ۾ ڪجھه نوجوان ساهتيه ۽ ڪلا ڏانهن گھڻو مائل آهن. اِها ڳالهه گھڻن کان ٻڌجي رهي آهي، پر احمدآباد جي هڪ سهڻي نوجوان- اُستاد ڪلاڪار، شاعر، ليکڪ، سمپادڪ دليپ ٽيڪچنداڻيءَ سان شايد اِها ڳالهه لاڳو نه آهي. هينئر هوُ نوجوان آهي ۽ جيترو نوجوان آهي تنهن کان وڌيڪ هن ۾ پنهنجي اصلوڪي جوش جو جذبو آهي؛ شوُنق آهي. مٿي مٿي اوُچائيءَ تي پهچڻ تي اندروني اُڇ آهي ۽ جتي چاهه آهي اُتي راهه آهي. هن جو ڪاريه، محنت، لگن ۽ صدق اهڙا آهن، جو هن موجوده سلسلي سان هوُ جيئن هلي رهيو آهي، هلندو رهيو ته يقينن آسمان جهپيندو.

هن وقت هو اُستاد طور اسڪول ۾ پنهنجون شيوائون ڏئي وديارٿين کي اڳتي آڻڻ جي هر نموني سرتوڙ جنبش ۾ لڳل آهي. ايترو ئي نه پر اڄڪلهه جي يُگ ۾ انٽرنيٽ، جنهن جو سڄي دنيا ۾ تمام سوکيم آهي ۽ سموري دنيا جو ذرو ذرو ان نيٽ وسيلي هر ڪنڊ ڪڙڇ سان جڙجي ويو آهي، اهڙي اِنٽرنيٽ تي هن نوجوان هڪ سنڌي گلاب ڊاٽ ڪام نالي سان مخزن جاري ڪئي آهي، جنهن ۾ سنڌيت جي سرهاڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھه نه آهي. سنڌي شخصيتون، ڏڻ وار، گيت- غزل، ناٽڪ، ليکه... ۽ گھڻو ڪجھه نج سنڌي.

’پل پل جا پوُر‘ مجموعو جيڪو ظاهر ٿي رهيو آهي، ان جو مطالعو ڪرڻ سان پاٺڪ کي يقين ٿيندو ته هن ’ساز‘ جي شاعريءَ ۾ ڪيتري نه جذبات، سونهن، گنڀيرتا، حب الوطني، صداقت، نمرتا ۽ محبت جي ماکي آهي ۽ اِهي سڀ گڻ هن نوجوان جي من جي درپڻ جا عڪس ئي آهن.

سنڌي ساهت ۽ ڪلا سان دلي تعلق رکندڙ دليپ ٽيڪچنداڻيءَ کي مبارڪون، شاباسون ۽ ڌنيواد هجي، جو ڌنڌوڙي منورتيءَ کي پاسيرو رکي دلي شيوائون ڏيئي پنهنجي سماج، ساهتيه ۽ ڪلا کي مالامال ڪري رهيو آهي.

- گھنشيام ساگر

Ghanshyam Sagar
B-97, Kubernagar,
Ahmedabad-382340.

## ٻه اکر....

”پل پل جا پوُر“ شعرن جو مجموعو توهان جي هٿن ۾ آهي. هن کان اڳ منهنجو سنڌي ٻال ايڪانڪين جو ڪتاب ’سدا جيئي سنڌي‘ توهان پڙهي چڪا آهيو ۽ اِهي ايڪانڪيون آڪاشواڻيءَ تان ٻڌيون پڻ هونديون. ’سدا جيئي سنڌي‘ جي رچنائن ۾ ڪيل ڪوشش سنوئي رنگ لاتو، جنهن بنسبت اوهان ڪيترن ادب پريمين مون کي پنهنجا اَموليه رايا موڪليا.

مان پنهنجي ساراهه نه ڪندي اِها ڳالهه چوڻ ٿو چاهيان ته مون کي ننڍپڻ کان ئي سنڌيت سان لڳاءُ پئي رهيو آهي، درجي يارهين ۾ پهتس، سنڌيءَ جو خبر نه آهي ڇو جنون وڌي ويو ۽ مون هڪ ڪوتا جي رچنا ڪئي، جيڪا اَخبار ۾ شايع ٿي. منهنجي اُستاد اُها پڙهي مونکي ڪلاس ۾ ئي گهرائي شاباس ڏني، منهنجو حوصلو چڙهي اچي ٻه وڌڻ لڳو ۽ مان رچنائون رچيندو رهيس.

اَهڙيءَ طرح منهنجو هن ڪوتا رچنا پاسي وڌيڪ لاڙو ٿيو. اَڄ ڏينهن تائين مون جيڪي ٻه رچنائون رچيون آهن، تن جو گلدستو ”پل پل جا پوُر“ جي روپ ۾ توهان جي سامهون آهي.

غزل جو سڪڻ فن برابر ڏڪيو،
اَڃا هاڻ ئي مون آ سوچڻ سکيو.

ظلم کي ڏسي مان غزل ٿو لکان،
ڏنو جيڪي مون آ قلمبند سو ڪيو.

اُميد آهي ته منهنجو هي مجموعو توهان کي ضرور پسند پوندو ۽ مونکي توهان جي اَموليه راين جو اِنتظار رهندو.

آخر ۾ ...

- مان تهدل شڪرگذار آهيان اُستاد سداحيات سائين شري ڀڳوانداس ”هوش“ جو، جن مونکي سنڌي شاعريءَ جي راهه ۾ پنڌ ڪرڻ سيکاريو ۽ اَڳتي وڌڻ لاءِ اُتساهت ڪيو.
- مان ممنون آهيان شري ڀڳوان ”نردوش“ صاحبن جو جن هر قدم تي مونکي سني پريرڻا ڏيئي، منهنجي سوچ کي رنگين زباني ڏني.
- مان شاڪر آهيان شري گهنشيام ”ساگر“ جو جن مونکي ڪويتا رچڻ ۾ مدد ڪئي ۽ هن ڪتاب جو تمام سهڻو ڪلاتمڪ ڪور ڊرائين ڪري ڏنو آهي.
- مان ڌنيواد ٿو ڪريان سنڌي ساهتيه اَڪادمي، گجرات راجيه جو، جنهن مونکي منهنجي پهرئين ڪتاب تي اِنعام ڏيئي مونکي اُتساهت ڪيو ۽ هن ٻئين ڪتاب ”پل پل جا پوُر“ کي شايع ڪرڻ لاءِ مالي مدد ڏني.
- مان اُنهن سڀني جا شڪرانا ٿو مڃان، جن سڌي يا اَڻسڌي نموني مونکي سهڪار ڏنو آهي.

قربن مان دليپ ٽيڪچنداڻي ’ساز‘

# غزل

سخا کي آ سمجھيو خدا جي ڏراوت،
ڪريون ٿا تڏھن ئي سپن سان سخاوت.

رکن ڪيڏي پيو دشمني من ۾ ماڻھو،
اسان ڪين ڪنھن سان رکون ٿا عداوت.

عجب سندا ماڻھو ڏسون ملڪ ۾ ڪيڏا!
شين ۾ اھي ڪن ٿا فن سان ملاوت.

ڪري ملڪ تي ڪاھ دشمن جڏھن ٿو،
تڏھن ٿي جوانن جي ڏسجي شجاعت.

ڪرڻ نيڪ ڪم، اسانجي آ فطرت،
تڏھن پيو پوي ٿي اسان تي ملامت!

ھلڻ راھ سچ جي آ جيون جو جوکو-
تڏھن پيو چڏي 'ساز' ڪونھي روايت!

# غزل

غزل جو سکڻ فن برابر ڏکيو،
اڄا هاڻ ئي مون آ سوچڻ سکيو.

ظلم کي ڏسي مان غزل ٿو لکان،
ڏنو جيکي مون آ قلمبند سو کيو.

ڏسان سونهن لاثاني جي مان،
لکي کونہ کوئي غزل آ ڇيو.

اصولن تي ٿيندي سدا جنگہ آ،
اها جنگہ، جيون قصو آ بڻيو.

کري آتنک جيکو، لڳي دشمن ادا،
جهاد مون خلافت انهيءَ لئہ کيو.

لڳي ’ساز‘ الفت سدا زندگي،
اهو ساز اُلفت وڄندو رهيو.

# غزل

منهنجي رکي هن جيون ۾-
دلڪش سوغات آهين تون.

غم جي ڏنڌلي ماحول ۾-
آشا جي پرڀات آهين تون.

تنهائيءَ جي اُماس ۾-
پونم جي رات آهين تون.

منهنجي دل جي گهرائن ۾-
دل جي جذبات آهين تون.

منهنجي پياسي اَکڙين ۾-
سيتل ڪائنات آهين تون.

’ساز‘ پيار جو سهڻي! ءُ-
جيون نغمات آهين تون.

# غـزل

نيارو پنھنجو پيارُ لڳي ٿو،
سھڻو تڏھن سنسار لڳي ٿو!

مرڪ مٺي جي، سڄڻ ڏئي ٿو،
خزانْ بہ مون کي بھارُ لڳي ٿو!

حيلا ڪيسين آتنڪي ھلندو؟
خوب خوار، خونخوارُ لڳي ٿو!

لادين، صدام سدا نہ ھوندا،
ھرڪو فاني يار لڳي ٿو!

ھاڻ تہ اھڙو آھہ زمانو،
واڳھوءَ تي ڪَڪُ سوارُ لڳي ٿو!

’ساز‘ تہ دل جو وڄندو رھندو-
ھلڪو دل جو بارُ لڳي ٿو!

# غزل

لپائي ٿي ڪيڏي بهارن جي ٻولي!
۽ سمجهي سگهون شل! اِشارن جي ٻولي.

مٺي مرڪ محبوب جي ڏاڍي موهي-
پياري لڳي قرب وارن جي ٻولي!

لڳي خوبصورت ٿي قدرت خدا جي-
عجب سندي پاسي نظارن جي ٻولي!

سڄي رات ٽم ٽم ڪري چڻ ٿا مرڪن-
۽ مرڪڻ سيکاري ستارن جي ٻولي!

نگاهون اَنگارن مثل ٿيون تپن جي-
ٻٽي ٿيون پون سي، شرارن جي ٻولي!

هلون ’ساز‘ گڏجي محبت جون راهون-
رهاڻيون بڻن رهه گذارن جي ٻولي!

# غزل

سڄڻ! شاعري تون، غزل مان لڳان،
چون لوڪ سيئي ۽ وڇندو مان رهان.

ٿيون ڪين هرگز جدا شل، اسان!
ٻٽين گل جي تون، آن ۽ خوشبوءِ ٿيان.

ٿڙي پيار پنهنجو، گلن جانءِ سدا،
هجي بس نرالو، اسان جو جهانءِ.

دکن ۽ سکن کي به گڏجي سهون،
جڏهن پيي پڪارين، صدا مان ڏيان.

سچائي اسانجي محبت ۾ آ-
ڪڏون رنگ پنهنجو به مَهِنديءَ جيانءِ.

اسانجو مِلَڻ آ سدائين امر،
اگر 'ساز' تون آنءِ، سنگيت مان بڻان.

# غزل

ٻمرو وويڪ جو ته وڃي ٽو-
ته به ماڻهو ڪٿ ڪو جڳي ٽو؟

جو گناهن جي اوندهه تي هريل-
سوجهرو ٽيندي سوئي ٻڃي ٽو!

ڏوهي سَدائين پيڙ ٽو چاهي-
پوليس کان هو لڪي رهي ٽو!

ايڪانت ته سمنڊ مثل آ،
ڪوڪو اِن ۾ ٽٻي ڏئي ٽو!

هڪ سچ کي لڪائڻ لئه ماڻهو-
ڪيڏا نه ڇل ۽ ڪپٽ ڪري ٽو!

اِنصاف وٺڻ مشڪل ڏاڍو-
ڏنوانُ، ’ساز‘! ڳنهي وٺي ٽو.

# غزل

ڏني محب جي سونهن روشني آ،
وٽي ائن سياهي، ٻٽي زندگي آ.

زمانو ڏئي ٿو دغا ڪيڏي هر پل-
ديا پريو جي پر اسان تي رهي آ.

غمن ۾ ٿي مرڪي ڏئي سات سهٽي-
وفائن سندي ڳالهه مون کي وٽي آ.

وڃي وقت اُف! ٿو اجايو هٿن،
رهون بي خبر ٿا، لکن جي گَهڙي آ.

ڪمائن ڪروڙين پلي روپيا ماڻهو-
اَسان کي يارو! غريبي مٺي آ!

ڇوي روح وَڏ ورڪي ٿو ’ساز‘ سين کي-
سچي راهه تي ئي هلڻ ۾ خوشي آ.

# غزل

ملھ ماڻھوءَ جو ڪٿ ٽيندو آ ؟
راڄ سفارش ھوندو آ !

ھٺي وڏيون ٿو ھامون جيڪو،
بادل جاڻ بس سو گجندو آ!

راوڻ ھرڪو بڻجي چاڏي-
رام بڻڻ ڪنھن کي وڻندو آ؟

ملندي منزل ڪين اسان کي-
دوکو يار ئي تہ ڏيندو آ!

پيار بندگي جيڪو سمجھي-
سچپارُ وفا سان رھندو آ!

مان تہ يگن ڪان ’ساز‘ وڄايان-
روح جي ڳالھ نہ کو ٻڌندو آ !

# غزل

جڏهن مرڪ منڙي ڪا مونکي ملي ٿي،
اُها روح کي ڪيڏي راحت ڏئي ٿي!

ڏئي مرڪ معني تہ ڀن ڀن ٿي پنهنجي،
مگر مرڪ حسن جي تہ ماري ڇڏي ٿي!

آ مرڪڻ جو فن ڀي نرالو ئي ٿيندو،
ڪڏهن مرڪ ڪا گهري طنز ڀي ڇڏي ٿي!

سڄڻ جي ڏني مرڪ ڏاڍي مهانگي،
ڏئي مرڪ هڪڙي سا، سڀ ڪجهہ لٽي ٿي!

ڏئي ٿي اَثر مرڪ ڪائي زهر جان،
ڏسي مرڪ اهڙي الا، دل مري ٿي!

لڳي 'ساز' وانگر ڪڏهن مرڪ مون کي،
اِها راڳہ منڙو ۽ پيارو ڪڍي ٿي!

# غزل

قدرت ڪيڏي پياري آ،
رنگت گلن جي نياري آ!

ماڪ ڦڙا ٿا چمن ڪليون،
تڏهن گلن جي تہ بهاري آ !

جَسُ ۾ ڏن سو ئي پائي ٿو،
جنهن جي قسمت پلاري آ !

لٽي دنيا جو ڏني ٿئي،
جڳہ ۾ سو ڏوهاري آ!

دنيا جي چمڪ ۾ ڏمڪ تي،
موهجي چو مَتِ ماري آ؟

’ساز‘ ملاء تون سُرَ سان سُرُ-
سنگيت حيات سنواري آ !

# غزل

موج ۾ پنهنجي ڳاءِ قوالي -
پلي ٿئي دنيا متوالي !

پياس نہ پوري ٿيڻي آهي -
پيءُ پلي پيالي‌ءَ تي پيالي!

رام آ داتا ٻيا بکاري -
تڏهن سدا اُن در جو سوالي!

ملن پلي ٿا راهہ ۾ ماڻهو-
همدرد تي کو ٿيو نہ حالي!

ايندو کين کو کڏهن بہ ايکو-
هڪ هٿ سان ڪٿ وڄندي تالي؟

اندر ۾ اٿس کات کهاڙا-
صورت پاسي پولي پالي !

کير ’ساز‘ چا سگهندو بگاڙي؟
نگهبان جي جڳہ جو والي !

PAL PAL JA POOR (Collection of Poems) پل پل جا پوُر (کوتا سنگرهہ)
Poet : **Dilip Tekchandani 'Saaz'** رچناکار :دليپ ٽيڪچنداڻي ’ساز‘
**www.sindhigulab.com**

# غزل

چنڊ سان گڏ تارا ڏسان ٿو،
عجب اُنهن جا اِشارا ڏسان ٿو!

هيڏا ڏتڙيل جيڪي آهن،
تن کي ملندا سهارا ڏسان ٿو!

شراب ۾ ڏُتِ ٿي جهومن پيا ٿا،
جن ٿي مرن سي شرارا ڏسان ٿو!

موهِنِ من کي موهيندڙ جڳهيون-
بن ۽ باغ جا نظارا ڏسان ٿو!

آتنڪ جا جي پوٽ بڇائن،
تعسبي سي پيي هچارا ڏسان ٿو!

ساگر ۾ لُڏنِ لهرون ته لکين-
ملندا تن کي ڪنارا ڏسان ٿو!

’ساز‘ موج ۾ دائم آهن-
هيٺ مان نچندي، بنجارا ڏسان ٿو!

# غزل

گيت پريت جا لکڻ تو چاهيان،
ريت عشق کان واقف ناهيان.

سونهن کي ڏسي تڙي پوان تو،
سات صنم جو کيئن مان پايان؟

کيسين اُف! هئن آهون پريان؟
ميت سڄڻ کي کئن ٻڌايان؟

ساراهه صنم جي ڪرڻ نه اچي-
آخر کهڙو ناهه مان ناهيان؟

نيت گڏيس هڪڙيءَ حسينا سان،
سونهن ڏسي مان عاشق آهيان.

ويس عشق ۾ کوهجي ايترو-
جو پريت کي گيت تو پايان.

’ساز‘ وڃي سونهن جو جي-
لکڻ بجاء ڳائڻ تو چاهيان.

# غزل

هندو هجين يا هجين مسلمان،
سڀ ڪان پهريون پر ٿي اِنسان.

ضعيف هجين يا هجين ٻلوان،
ڪين ڪڍهن تون ٿجان شيطان.

تون نرڌن يا سڌجين ڌنوان،
ماڻهو پر تون ٻڻجان مهان.

داناءُ هجين يا تون نادان،
مهمان کي سمجھه پنهنجو ڀڳوان.

عام هجين يا سڌجين پرڌان،
اوچو رکجان ملڪ جو شان.

مونکي علم، سمت ڏي ڀڳوان،
تہ پائي سگهان کو آتم گيان.

اَکڙين مان آنسون ٿا چلکن،
اَچي جڏهن ٿي ياد تنهنجي!

پريل بهارن سان هئي زندگي،
ملي جڏهن محبت تنهنجي!

غمن جي برسات اَچي پئي،
ٿئي جڏهن کان دوستي تنهنجي!

رهڻ گڏ هو سدا لئہ توسان،
هلي نہ سگهي گڏ کايا تنهنجي!

من ٿي پوي ٿو تڏهن اُداس،
ڏسان جڏهن ٿو تصوير تنهنجي!

گذر کري پيو 'ساز' زندگي،
رکي دل ۾ هردم ياد تنهنجي!

# غزل

امير فقير غريبن لاءِ،
هڪ ئي سخن، هڪ ئي گيت.

ڪري ڏکي دردمندن جي شيوا،
ڏينهن جو دل تون جيتُ.

ڪوڙي ڪايا ڪوڙي مايا،
ڪيول محبوب سان من ميت.

هر شيءِ ۾ مالڪ وسي،
ڪر تون سڀ سان پريت.

ڪم ڪڏهن ڪين ٿيندو ڪونه،
دنيا جي اٿئي ريت.

سوارٿ جي دنيا ساري،
سڀ جي اِها ئي ريت.

’ساز‘ وڄاءِ سهڻا،
ڳاءِ ڪو منڙو گيت.

# پرارٿنا

دیا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين،
اَچن در تي جيڪي، تُو آسون پڄائين.

ڏسان ٿو مان نفرت سڄيءَ دنيا اندر،
وچون پل تہ مسجد ۾ يا ڪنهن بہ مندر
سدا جيوت پريم جي دلين ۾ جڳائين،
دیا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين ...

ڪپي من جي شڪتي، شڪتيمان آهين،
تون زيري مان هيرو اَسان کي بڻائين
سڄيءِ راهہ تي شل، سدا تون هلائين،
دیا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين ...

دکين - غريبن کي سنڀالين سدا تون،
مريضن جي لئہ بڻين ٿو دوا تون.
ڏئي گيان - ڀڳتي، ڀڳت پنهنجو ناهين،
دیا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين ...

بنا تو نہ ڪو منهنجو ٻيون سهارو،
هلان راهہ سچ جي ڪر تون اِشارو.
رکي آس تو در اِها 'ساز' پڄائين،
دیا ڪر اَسان تي، ديالو تون آهين ...

گيت

# پيارو ڀارت

پيارو پيارو، جڳ ۾ نيارو،
آ ديش ٽرنگي جهنڊي وارو!

پرجاوادي پرٿا پياري،
جڳ ساري ۾ آ هاڪاري،
آ غير مذهبي ديش اَسانجو،
پڻ ڀاشائون ويس اَسانجو،
اَمن - ايڪتا آهي نعرو،
پيارو پيارو، جڳ ۾ نيارو...

ذات پات جا ڀيد ڀلايون،
ماڻهپي کي شل! ڀاڪر پايون،
پرم پتا تہ پرميشور آهي،
جڳ سارو اِنجو گهر آهي،
ڀارت پنهنجو آهہ سونهارو،
پيارو پيارو، جڳ ۾ نيارو...

سبز ڀري چڻ ڌرتي آهي،
جيءَ سان جڙيل سرتي آهي،
ديش ۾ اَن ڌن ٿي اُپجائي،
ماڻُ مٽيءَ جو تڏهن تہ آهي!
وڏي ويجهي شل! ڀارت پيارو،
پيارو پيارو، جڳ ۾ نيارو...

# ڏکہ هرکو ڏات

جيون سنگهرش هلندو رهندو،
سوپ جو سَهِرو ڪوشش تي رهندو.

ڪوشش سڦلتا جي ڪنجي آهي،
ڪبو اُهو جو همت چاهي،
مرد اُهو جو ڊڄندو ناهي،
هر مشڪل جو ڏينگو ڊاهي،
هر آفت کي سيني سهندو،
جيون سنگهرش تہ هلندو رهندو ...

ڪنڊن جي وچ ۾ ڦول ٽين ٿا،
چنڊ سان جي رهنديون ڏين ٿا،
سونهن، سڳنڌ ڏئي راحت ٿي،
ساهس اَڳيان مرڪي آفت ٿي،
ڏکہ هرکو ڏات آ ٿي ايندو،
جيون سنگهرش تہ هلندو رهندو ...

ميدان - جنگہ مثل جيون آ،
پر جيٽڻو ڀرين تہ من کي آ،
رات پٺيان پرڀات اچي ٿي،
سکہ سندي سا لات لڳي ٿي،
دکہ-سکہ 'ساز' تہ دائم وڃندو،
جيون سنگهرش تہ هلندو رهندو ...

# پريم وڌايون

اَچو ته گڏجي پريم وڌايون،
پنهنجا سڀ ئي ڀيد ڀلايون.

ڀيد رکڻ سان جهيڙا ٿيندا،
پنهنجا مڙئي پَراوا ٿيندا،
پريم ئي ونڊي ٿو پنهنجايون،
اَچو ته گڏجي پريم وڌايون.

پريم سان آ هر ڪم آسان،
پريمي ٻڌيا سڀ آهن مهان،
پريم سان ملنديون واڌايون،
اَچو ته گڏجي پريم وڌايون.

ڀيد ته رکندا آهن نادان،
پريم ونڊيندا آهن اِنسان،
ملي جلي سڀ مؤج مچايون،
اَچو ته گڏجي پريم وڌايون.

برو نه ڪنهن سان ڪڏهن ڳالهايون،
ڀلي ڪرڻ سان ٿينديون ڀلايون،
’ساز‘ وڄائي منٺڙا ٻول ٻڌايون،
اَچو ته گڏجي پريم وڌايون.

گيت

# رات اَنڌاري آ

پروانا رات اَنڌاري آ،
دل پنهنجي همت واري آ.

ٿورو وقت ئي سختيون آهن،
جي وِکون کنيون پختيون آهن،
رنڊڪ روڙا راھہ مان ويندا،
همت اَڳيان ساڻا ٿيندا،
جنگہ جيون جي جاري آ،
پروانا رات اَنڌاري آ.

اَڳتي اَڳتي هلندس پيو مان،
سختيون سيني سهندس مان،
نيٺ تہ رستو ڪٽجي ويندو،
منزل تي پڻ پهچي وڃبو،
مهما منوٻل جي نياري آ،
پروانا رات اَنڌاري آ.

سنگهرش جو ڦل ٿيندو مٺو آ،
جيون ڪيڏو هاڻ سٺو آ،
ڏکہ سکہ گويا ساز بڻيو آ،
’ساز‘ اِهو همراز بڻيو آ،
جيون موج ۾ گذاري آ،
پروانا رات اَنڌاري آ.

# گيت خوشيءَ جا

گيت خوشيءَ جا مان ڳايان ٿو،
پنهنجو من ريجھايان ٿو.

سک ۾ ڪڏهن مون ڪيا نہ ماڻا،
دک ۾ دانهن ڪري نہ جاڻا،
من جي مرضي هلڻ نہ ڏيان ٿو،
رهبر آتم کي ئي ڪريان ٿو،
ناتا سڀ سان نڀايان ٿو،
گيت خوشيءَ جا ڳايان ٿو.

ملي خوشي، غم يا هرجائي،
پريِنءَ يار جي سا تہ منائي،
ڪڙي، قاتل جو هيراڪ آهيان،
ڀاڳ، ڪرم سان آنءُ ٿو ناهيان،
ائين ئي جيون جرڪايان ٿو،
گيت خوشيءَ جا ڳايان ٿو.

روح جي راحت پائڻ چاهيان،
پيڙ پرائي پنهنجي پايان،
جوکم جو غم وڻي جڏهن ٿو،
سڦلو جيون پاسي تڏهن ٿو،
سڀ کي ’ساز‘ سڏايان ٿو،
گيت خوشيءَ جا ڳايان ٿو.

# منڙي جيجل

منهنجي منڙي اَمان،
توتان قربان وڃان.

لولي ڏيئي سمهارين ٿي،
صبح سويل اُٿارين ٿي،
مِنِڙو کير ٻه پيارين ٿي،
مون تان پاڻ ٻه وارين ٿي،
منهنجي منڙي اَمان...

جيسين اَچان اَکيون وڇائين ٿي،
مون بن پل لئه چئن نه پائين ٿي،
پنهنجي هٿن سان کارائين ٿي،
مَمتا جو اَمرت پيئارين ٿي،
منهنجي منڙي اَمان...

هر ويلي تون آسيس ڪرين،
۽ منهنجو خالي پاند پرين،
مون لاءِ سهين ڪوسي ٿڌي،
هر ڏُک ۾ توئي سارَ لڌي،
منهنجي منڙي اَمان...

# قسمت سان...

قسمت سان ئي ميٽُ ملي ٿو،
جيون مڌر سنگيت لڳي ٿو.

روپ سندر ايڏو جنهنجو،
من ۾ ته سندر ايترو هوندو!
سيرت، صورت جو سنگم پيارو،
ماڻي سگهندو ڪو دل وارو،
سبز اِنهيءَ جو هر ڪيت لڳي ٿو،
قسمت سان ئي ميٽُ ملي ٿو...

سپنا جن جا ساڪار ٿين،
پيار تان سي ٻلهار وڃن،
تن جون ٿين ٿيون سدا رِهاڻيون،
سي رِهاڻيون ڪين ٿين پراڻيون،
ريشم تن کي ريٽُ لڳي ٿو،
قسمت سان ئي ميٽُ ملي ٿو...

اَسان ۾ انهن مان ئي آهيون،
محب کي پنهنجي خوب ٿا چاهيون،
عشق ڏسي سڀ رَشڪ چو ڪن ٿا؟
اهڙا ماڻهو ۾ ’ساز‘ ملن ٿا!
بهار مند جانْ چيت لڳي ٿو،
قسمت سان ئي ميٽُ ملي ٿو...

# انياءُ ڏسان ٿو...

انڌ ڌنڌ ۽ انياءُ ڏسان ٿو،
بي صبر بڻي گيت چوان ٿو.

غربت غرق نہ ٿيڻي آهي،
ڪجھ نہ ڪمي پر اَچڻي آهي،
محنت جو ڪجھ قدر ڪريون شل،
پڙهڻ سان ڪو هنر سکون شل!
ڳالھ سچي جا، چئي ڏيان ٿو،
انڌ ڌنڌ ۽ انياءُ ڏسان ٿو...

بي قائدي جو، نهيو گھر آ،
سو قائدي سان ڍهيو گھر آ،
رهن ڪين ٿيون اِهي عمارتون،
۽ وطن جون پڻ بي قاعدگيون،
نياءُ هاڻ تہ سُرندو ڏسان ٿو،
انڌ ڌنڌ ۽ انياءُ ڏسان ٿو...

لتر سان ئي چتر پچي ٿو،
غندي سان ئي غندو لڙي ٿو،
لڳي لياقت لنگڙي شايد-
۽ شرافت پيي ڪدڙي شايد،
اُلٽي اَهڙي چال ڏسان ٿو،
انڌ ڌنڌ ۽ انياءُ ڏسان ٿو...

# جيون ڪھڙو؟

جَسُ ناهي جي، جيون ڪھڙو؟
ڏُويشَ پريو آ من ڪھڙو؟

چانڊوڪيءَ جانۡ روپ لڳي ٿو،
ڏينهن مگر کي چَنڊِ رهي ٿو-
تنهن تي ماڻهو خوب مري ٿو،
سيرت جي ڪا ڪَٿَ نہ ڪري ٿو،
ٿئي فنا جو، جوبن ڪھڙو؟
جسُ ناهي جي، جيون ڪھڙو؟

ڪوڙَ سان گڏ تہ اٿاهُہ آ ناٽو،
ويڳاڻو آ سچ جو ٽِڪاڻو،
ليڪن ڏينهن نہ ساڳيا رهندا،
سپنا آخر سپنا رهندا،
ڪوڙَ ڪُپت جو ناٽو ڪھڙو؟
جسُ ناهي جي، جيون ڪھڙو؟

خامَ خيال تہ صدما ڏيندا،
ميرو مَنُ آڏيندو خطرا،
’ساز‘ رکين جي صاف ۽ سٿرا،
لڳندا ماڪيءَ ڪان پيي مِنٿڙا،
بن سچائيءَ سخن ڪھڙو؟
جسُ ناهي جي، جيون ڪھڙو؟

گيت

# تال ڪٿي آ؟

جيون سنگيت ۾ تال ڪٿي آ؟
غربت جو سنو حال ڪٿي آ؟

وڏنڊو آدم، ٽڪڙو وڏي ٿو،
اجا ته نه ڪنٽرول اَچي ٿو!
آ غريبيءَ ڏي سدا انڌيرو،
الائي ڪڏهن ايندو سويرو؟
حال ادا! خوشحال ڪٿي آ؟
جيون سنگيت ۾ تال ڪٿي آ؟

پونجي وادي ڦلي ڦُلي ٿو،
عيش جو جيون سدا جيئي ٿو،
جش گهٽا ئي زردارن جا،
نيتائن، تن جي يارن جا،
رُڪجندو تن جو ترڪ تال ڪٿي آ؟
جيون سنگيت ۾ تال ڪٿي آ؟

ڏنوان جي روز ڏياري،
غريب مَري مري لات ٻاري!
نه غريبي ڪو سال اچي ٿو،
تن لئه نا ڪو ميلو لڳي ٿو!
سُکَ سان تن جو وصال ڪٿي آ؟
جيون سنگيت ۾ تال ڪٿي آ؟

# مان سنڌي آهيان

اَچو تہ فخر سان اُچاريون،
اَسين سڀ سنڌي آهيون.
تون بہ سنڌي مان بہ سنڌي،
پوءِ ڇو ٿا ويهي شرمايون!
سڏائڻ سنڌي، ڪو گناهہ تہ ڪونهي-
پوءِ ڇو ٿا پاڻ گهٻرايون!
شاهہ، سچل، ساميءَ جا مريد-
”موهن جي دڙي“ جا وارث آهيون!
ڪئي هند لاءِ سنڌ قربان-
اهڙا وير من جا صاف آهيون!
جهوليلال جا سچا اُپاسڪ-
ڀڳت ڪنور جا شائق آهيون!
هيموءَ جيان جان قربان ڪندڙ-
سنڌ-هند جا وير سپوت آهيون!
سنڌي آهيون - سنڌي سڏايون-
سنڌي هئڻ جو فخر وڌايون!
”ساز“ وڄائي گڏجي پاڻ کي-
سنڌي ڇوايون، سنڌي ڇوايون!

# محبوبا

تون ئي آهين تون ئي آهين
منهنجي منزل تون ئي آهين

هِت ڏسان پيو، هُت ٻه ڏسان تو
ساڏان ڏسان سُپن ڏسان تو
هر پل منهنجي اَکڙين ۾ بس
منڙي منهنجي تون ئي آهين
تون ئي آهين ....

مرڪ تنهنجي منڙي منڙي
چال ته تنهنجي هرڻيءَ جهڙي
تيز نگاهون، تير هڻي تون
گهايل ڪندي تون ئي آهين
تون ئي آهين ....

پريم جي هيءَ راهه وٺي مان
گهاريندس بس جيون توسان
جنم جنم جو سات نِباهين
جيون ساٿي تون ئي آهين
تون ئي آهين ....

''ساز'' منا مان، پيو وڄان
گيت عشق جا هردم ڳايان
محبت منهنجي هيءَ زندگي آ
نوري منهنجي تون ئي آهين
تون ئي آهين ....

# نظر نہ لڳي

سواءِ توکان زندگي
جڻ ويران لڳي،
گڏ هجڻ سان تنهنجي
سُرڳہ سمان لڳي!

لڳن ٿا سڀ پراوا
هڪ محبوب ئي پنهنجو لڳي،
اهڙو تو ۾ ڇا آهي؟
هر گهڙيءَ تنهنجي پياس لڳي!

هُجي نہ گڏ ڪوبہ جي
جڻ جيون اڪيلو لڳي،
صرف سات تنهنجو مونکي
ڏاڍو ٿو پيارو لڳي!

شرابي تنهنجي نيڻن جو
دل ۾ تير ٿو لڳي،
ڪارو ٽيڪو هڻان تنهنجي ڳل تي
ڪنهن جي توکي نظر نہ لڳي!

# ترائيل

# ترائيل

ڏنيسين اسان حسن جي دل ربائي
ادائن جو ڪيڏو نه رتبو ڏنوسين!
۽ سيرت سڳنڌيءَ به دل آ لپائي
ڏنيسين اسان حسن جي دل ربائي.

لڳي، سونهن ۾ ساري قدرت سمائي
جهڪي تنهن اڳيان ئي سجدو ڪيوسين
ڏنيسين اسان حسن جي دل ربائي
ادائن جو ڪيڏو نه رتبو ڏنوسين!

وفائون ڪرڻ آ نگاهن سيکاريو
لڳي پريت تنهنجي سدا جوان ٿي
مرڻ سونهن تي آ ادائن سيکاريو
وفائون ڪرڻ آ نگاهن سيکاريو.

رهڻ چُپ اسان کي اِشارن سيکاريو
بڻائي حياتي محب، مهربان ٿي
وفائون ڪرڻ آ نگاهن سيکاريو
لڳي پريت تنهنجي سدا جوان ٿي.

# ترائيل

پنهنجي پنهنجي فطرت آهي
ندي سدائين وهندي آهي
سيتلتا جي صورت آهي
پنهنجي پنهنجي فطرت آهي.

گل جان مُرڪڻ حسرت آهي
ڪنهن وٽ ئي رهندي آهي
پنهنجي پنهنجي فطرت آهي
ندي سدائين وهندي آهي.

سڀ ڪي سياوَ سان سڄاڻون ٿا
ڪانوَ جي عادت ڪين وڃي ٿي
طوطي ڪي ئي چو پانيون ٿا؟
سڀ ڪي سياوَ سان سڄاڻون ٿا.

سُڳنڌ گلن جي سڀ ماڻيون ٿا
ڇُپين ڪنڊن جي يارو هُڙي ٿي
سڀ ڪي سياوَ سان سڄاڻون ٿا
ڪانوَ جي عادت ڪين وڃي ٿي.

# ترائيل

سچ سان جنهن جي صحبت آهي
سڀ ڪي سو ئي وٺندو آهي
ٻٽبو سچ تہ ڪڏهن زحمت آهي
سچ سان جنهن جي صحبت آهي.
سچ تہ خدا جي صورت آهي
نصيب سان سنگہ سو ملندو آهي
سچ سان جنهن جي صحبت آهي
سڀ ڪي سو ئي وٺندو آهي.

پيار وفا جون ڳالهيون وٽن ٿيون
جيون ساري ٻڌڻ وٽن ٿيون
مشڪل سان ئي رهاڻيون ٿين ٿيون
پيار وفا جون ڳالهيون وٽن ٿيون.
چڙ تہ نگاهون پيااليون لڳن ٿيون
اِهي تہ ڪيڏو پيئڻ وٽن ٿيون
پيار وفا جون ڳالهيون وٽن ٿيون
جيون ساري ٻڌڻ وٽن ٿيون.

# ترائيل

سنسار جو هر دستور ڏنو
ڪوڙو ڪارو جڳ ڏٺو پاسي
سوريءَ چڙهندي منصور ڏنو
سنسار جو هر دستور ڏنو.

سُڏڪندو سچ جو پورُ ڏنو
ڪوڙ نوان نت ناهه ٿو ناهي
سنسار جو هر دستور ڏنو
ڪوڙو ڪارو جڳ ڏٺو پاسي.

ماڻهن جا ڏٺا پسون روپ هزارُ
کهڙو سچو آ، ڪوڙو کهڙو؟
پريل آ سچو ئي هي سنسار،
ماڻهن جا ڏٺا پسون روپ هزارُ.

ٻين کي ڏيڻ ڪان آ اِنڪار
لاپ ونڻ لڳ بدلي چهرو
ماڻهن جا ڏٺا پسون روپ هزارُ
کهڙو سچو آ، ڪوڙو کهڙو؟

# ترائيل

کھڙا پنھنجا حال ٻڌايون؟
آ مھانگائيءَ بي موٗت ماريو!
مڙئي پيا ڪاروان ھلايون،
کھڙا پنھنجا حال ٻڌايون؟

مجبورين کي بہ ڪيئن لڪايون؟
سمجھوتن سان آ پاڙ کي ٺاريو،
کھڙا پنھنجا حال ٻڌايون؟
آ مھانگائيءَ بي موٗت ماريو!

جاچيان پيو باريڪ نظر سان
جو ڪجھ بہ غلط ھِت ٿئي پيو
مون وروڌ ڪيو آ پُرُ اثر سان
جاچيان پيو باريڪ نظر سان.

پيار ڪيو آ بني بشر سان
صحيح، سنو ھرڪو وٺي پيو
جاچيان پيو باريڪ نظر سان
جو ڪجھ بہ غلط ھِت ٿئي پيو.

# ترائيل

پريو پنهنجي مهر ڪري ٿو
سچ ۽ صدق تي راضي آهي
همٿ سان ڪم خود ئي ٿئي ٿو
پريو پنهنجي مهر ڪري ٿو.

محنت جو ڦل مٺو ملي ٿو
ڪرم سان هرڪو پاڳ ٿو ناهي
پريو پنهنجي مهر ڪري ٿو
سچ ۽ صدق تي راضي آهي.

لغز مثل ٿو ماڙهو اُڏامي
ڏور تہ پريوءَ جي هٿ آهي
ڪاٺا ڪري يا ڪٽي ڪيرائي
لغز مثل ٿو ماڙهو اُڏامي.

لغز اُڏن پيا، جيسين اُڏائي
ٽين جي ڪاٺا، نوان سو ناهي
لغز مثل ٿو ماڙهو اُڏامي
ڏور تہ پريوءَ جي هٿ آهي.

# ترائيل

باغن ۾ ٿي ڪوئل ڳائي
مڌر مڌر سو گيت لڳي ٿو
کھو جي ٿي رَتَ لائي
باغن ۾ ٿي ڪوئل ڳائي.
دکي منن کي ٿي پرڀائي
غم کِنِ پَلَ پلجي وڃي ٿو
باغن ۾ ٿي ڪوئل ڳائي
مڌر مڌر سو گيت لڳي ٿو.

پل پل ڪيڏا پوُرَ پون ٿا
وقت هچارو جڏهن اچي ٿو
پوُرَ ئي سؤ سورَ ڏين ٿا
پل پل ڪيڏا پوُرَ پون ٿا.
چَندِ ڏينهن مهمان ٿين ٿا
وقت پليرو جڏهن وري ٿو
پل پل ڪيڏا پوُرَ پون ٿا
وقت هچارو جڏهن اچي ٿو.

# ترائيل

اُڀ ۾ ٽم ٽم ڪن ٿا تارا
ٻارن کي ڇا ته لڀائن ٿا!
سمجهي ڪين سگهن اِشارا
اُڀ ۾ ٽم ٽم ڪن ٿا تارا.

چنڊ ۽ ٻارن جا سي پيارا
مرڪڻ جي ريت ٻڌائين ٿا
اُڀ ۾ ٽم ٽم ڪن ٿا تارا
ٻارن کي ڇا ته لڀائن ٿا!

پيار ونڊڻ سان پيار ملي ٿو
پيار اُهو آ سڪ جو چشمو
ترڇيءَ سان دل تي بار رهي ٿو
پيار ونڊڻ سان پيار ملي ٿو.

پيار پريو ئي سنسار وٽي ٿو
نفرت جيون لئه آ صدمو
پيار ونڊڻ سان پيار ملي ٿو
پيار اُهو آ سڪ جو چشمو.

# ترائيل

ڪوئل ٿي ڪوُڪي: بهار اَچي ٿي
باغن ۾ آ خوشبو ڦهلي
مڌر اسُر جي هير وٽي ٿي
ڪوئل ٿي ڪوُڪي: بهار اَچي ٿي.

مُندَ بهار ته ملهار لڳي ٿي
ٽڙي ٿئي گُلُ ٿي من جي ڪلي
ڪوئل ٿي ڪوُڪي: بهار اَچي ٿي
باغن ۾ آ خوشبو ڦهلي.

جڏهن به سک جي گهڙي اَچي ٿي
هيرَ مثل آ راحت ڏيندي
غمگين دل به ٽڙي پوي ٿي
جڏهن به سک جي گهڙي اَچي ٿي.

سؤ دکن کي هوءَ کٽي وڃي ٿي
دک جي مند نه دائم هوندي
جڏهن به سک جي گهڙي اَچي ٿي
هيرَ مثل آ راحت ڏيندي.

# ترائيل

پسجن ڪيڏا عجب نظارا
شهر، جهنگل ۽ گلشن، صحرا
چشما، جبل ۽ جل جي ڌارا
پسجن ڪيڏا عجب نظارا!

پکي، پسون ۽ مينهن وسارا
ماڻهو پاسن تو مون جهڙا
پسجن ڪيڏا عجب نظارا!
شهر، جهنگل ۽ گلشن، صحرا.

قدرت جي آ رنگت نياري
رنگ روپ ۾ الڳ آ هرڪو
ڪيڏي وڏي دنيا پياري
قدرت جي آ رنگت نياري.

ڄڻ پاسي ٿو ڪا ڦلواري
ڪن کي لڳي ٿو چاندي چمڪو
قدرت جي آ رنگت نياري
رنگ روپ ۾ الڳ آ هرڪو.

# ترائيل

مذهب جا ئي سڀ مونجهارا
روز ٿين ٿا جهڳڙا جهيڙا
آتنڪ آڻن ٿا تعصب وارا
مذهب جا ئي سڀ مونجهارا.

پريوءَ ڪي سڀ ماڻهو پيارا
مندر مسجد اُن جا ڏيرا
مذهب جا ئي سڀ مونجهارا
روز ٿين ٿا جهڳڙا جهيڙا.

تو ۾ مون ۾ ساڳيو آ رام
آهه اُهو ئي الله ۽ ايشور
اُهو ئي ڪريم، رحيم ۽ شيام
تو ۾ مون ۾ ساڳيو آ رام.

وٺ ڪنهن جو ڀي شرڌا سان نام
من ئي آهي پنهنجو مندر
تو ۾ مون ۾ ساڳيو آ رام
آهي اُهو ئي الله ۽ ايشور.

# ترائيل

ڪوشش سان سڀ ممڪن آهي
آدمي اُدم سان ئي ٻڌبو
ڀاڳ ڪرم سان سگهبو ناهي
ڪوشش سان سڀ ممڪن آهي.

محنت بن ڪجهه ورتو ناهي
همت جو هٿيار ئي ڪڍبو
ڪوشش سان سڀ ممڪن آهي
آدمي اُدم سان ئي ٻڌبو.

رام جپي جو نه رحم ڪري ٿو
جَپُ سو ڪنهن ڀي ڪم جو ناهي
جاپ جپڻ جو نام رهي ٿو
رام جپي جو نه رحم ڪري ٿو.

ڪرشن سمرڻ ڪم ڪين اَچي ٿو
ڪرم سان سگهبو سڀ سڪه پائي
جاپ جپي جو نه رحم ڪري ٿو
جَپُ سو ڪنهن ڀي ڪم جو ناهي.

# ترائيل

آئي آهي رُت بهارَ جي
ڪوُڪَ ڪوئل جي منڙي پاسي
جواني حسن جي خمارَ جي
آئي آهي رُت بهارَ جي.

جڻ تہ لڳي ٿي رُت پيار جي
محب ملڻ جي آس ستائي
آئي آهي رُت بهار جي
ڪوُڪَ ڪوئل جي منڙي پاسي.

نياز پريون يار جون اکڙيون
پيار اُنهن ۾ آهي نيارو
اکڙيون پاسن جڻ ڪي سکڙيون
نياز پريون يار جون اکڙيون.

پياس بجهائڻ چاهن تکڙيون
خلقن جنت جو ئي نظارو
نياز پريون يار جون اکڙيون
پيار اُنهن ۾ آهي نيارو.

# ترائيل

اسان امن جا ڪانڪي آهيون
پيار وفا جي پريت نڀايون
ديش چمن جا پنڇي آهيون
اسان امن جا ڪانڪي آهيون.

اسان وطن جي ترقي چاهيون
محنت سان سر سبز بڻايون
اسان امن جا ڪانڪي آهيون
پيار وفا جي پريت نڀاهيون.

ڪوڙ ڪپٽ کان ڪر تون ڪنارو
سچ جي آخر فتح ٿي ٿيندي
اَنت جي ويلي سچ جو سهارو
ڪوڙ ڪپٽ کان ڪر تون ڪنارو.

ڇند ڊهاڙا دؤلاب سارو
ڏڳي دغا آ ذلت ڏيندي
ڪوڙ ڪپٽ کان ڪر تون ڪنارو
سچ جي آخر فتح ٿي ٿيندي.

# ترائيل

پَلَ ۾ ڪيڏا پوُرَ پون ٿا
پوُرَ ئي ڪن ٿا مونکي ساڙو
هڪڙا وڃن ٿا، ٻيا اَچن ٿا
پَلَ ۾ ڪيڏا پوُرَ پون ٿا.
مهراڻ جي لهرن جانْ ئي لڳن ٿا
بڻجي اَچن ٿا من جو ماڙو
پَلَ ۾ ڪيڏا پوُرَ پون ٿا
پوُرَ ئي ڪن ٿا مونکي ساڙو.

گذرن ڏکيون غمگين گهڙيون
سڪ جا پَلَ جهٽ ڪسڪي وڃن ٿا
خوشيون لڳن جڻ سُرڳ پريون
گذرن ڏکيون غمگين گهڙيون.
سڪ جون گهڙيون راحت پريون
آب حيات سي بڻجي پون ٿا
گذرن ڏکيون غمگين گهڙيون
سڪ جا پل جهٽ ڪسڪي وڃن ٿا.

# ترائيل

سونهن جواني دائم ناهي
چاندي چمڪو چند ڏهاڙا
هر شيءِ جڳ جي فاني آهي
سونهن جواني دائم ناهي.

پوءِ بہ ماڻهو ماڻڻ چاهي
فاني جڳ جا سُک سي سارا
سونهن جواني دائم ناهي
چاندي چمڪو چند ڏهاڙا.

چوي اگر سچ، يارُ وٺي ٿو
لُنبڌي خوشامد ڪين کپي ٿي
سِدو سادو پيارُ جڳي ٿو
چوي اگر سچ، يارُ وٺي ٿو.

دؤر دغا جو دوکو ڪري ٿو
گهڙي وفا جي ساٿ ڏئي ٿي
چوي اگر سچ، يارُ وٺي ٿو
لُنبڌي خوشامد ڪين کپي ٿي.

# ترائيل

يارَ! اسان آ پريت نڀائي
محب مني تان جان بہ واريون
اَرپڻ جي پيارَ ريت ٻڌائي
يارَ! اسان آ پريت نڀائي.

ملي وفا جي بدلي وفا ٿي
تڏهن تہ وينا وچن نڀاهيون
يارَ! اسان آ پريت نڀائي
محب مني تان جان بہ واريون.

آه غضب جي ادا صنم جي!
اسان بہ وفا - آشيان اَڏيو
مَهِندي لعل آ هر قسم جي
آه غضب جي ادا صنم جي!

سبز آ دنيا غم ۽ الم جي
راحت رَنڄَ کي ٻٽائي ڇڏيو
آه غضب جي ادا صنم جي!
اسان بہ وفا - آشيان اَڏيو.

# ڪويتا

# سچو سُکُ

مان
هڪ مسڪين ماڻهو آهيان
شايد مون وٽ،
ڪوبہ سکہ نہ آهي،
اِنڪري ئي پريوءَ ڪي،
گهٽ وڌ پيو ٻالهائيندو آهيان،
مندرن ۾ مٿا ٽيڪي،
باسون باسيندو آهيان،
اِن ئي اُميد ۾ تہ-
ڪڏهن تہ سائين ٻڌندو
۽ هن غريب کي - شاهوڪار ڪندو.
اوچتو ئي هڪ ڏينهن،
رستي تي ڀڳوان ملي ويو،
حد نہ رهي منهنجي خوشيءَ جي،
سنسار جي هر سکہ جي
سيڪي شيءِ گهريمانس،
لڳي پيو نہ ڏيندو،
چوندو ”لالچي آهين“،
پر! عجب!
سڀ ڪجهہ ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويو،
چيائين، ”موت ۾ ڪجهہ ڏيندين؟“

پهريون دفعو،
پڱوان کي گهرندي ڏٺو،
چيومانس، ’’ڇا ڏيانءِ؟‘‘
مان
هڪ مسڪين ماڻهو آهيان
شايد مون وٽ،
ڪوبہ سکہ نہ آهي،
اِنڪري ئي پريوءَ کي،
گهٽ وڌ پيو ڳالهائيندو آهيان،
مندرن ۾ متا ٽيڪي،
باسون باسيندو آهيان،
اِن ئي اُميد ۾ تہ-
ڪڏهن تہ سائين ٻڌندو
ءِ هن غريب کي - شاهوڪار ڪندو.
اوچتو ئي هڪ ڏينهن،
رستي تي پڱوان ملي ويو،
حد نہ رهي منهنجي خوشيءَ جي،
سنسار جي هر سکہ جي
سيڪي شيءِ گهريمانس،
لڳي پيو نہ ڏيندو،
چوندو ’’لالچي آهين‘‘،

پر! عجب!
سڀ ڪجھہ ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويو،
چيائين، ’’موت ۾ ڪجھہ ڏيندين؟‘‘
ٻيھريون دفعو،
پڳوان کي گھرندي ڏٺو،
چيومانس، ’’ڇا ڏيانءِ؟‘‘
’’بس، تنهنجي ٻُڌي،
هي تنهنجون اکيون،
هٿ ۽ پير،
اِهي مونکي ڏيئي ڇڏ.‘‘
مان،
لاجواب ٿي ويس،
مون وراڻيو،
’’ڪجھہ بہ نہ کپي مونکي تنهنجو،
مان اِئين ئي گھٽو سُکي آهيان...‘‘

من سان نهاريندو رهيس
واه ڇا تہ! پيارو تنهنجو مکڙو
ڪيترو بہ دور آ تون
دل تي اُڪڙيل تنهنجو چهرو
ڏينهن رات
تڙڦيس تنهنجي درس لاءِ
تنهنجي ادا جو عڪس ياد ڪندي
ساهہ کي ساهہ ۾ دٻائيندو توکي
ڳولهيندو رهيس پنهنجي هرديہ ۾.

تون اچي يا نہ اچين
رهندو سدا تنهنجو انتظار
چاهي پلي ساهہ وڃي
توسان مونکي آهي اهڙو پيار.

توکان سواءِ جڻ بهار منهنجي
اڄ خزان بڻجي ويئي آهي
’ساز‘ کي جڻ پنهنجي پياري
راڳڻي ڪين ملي سگهي آهي.

# ننڊ جو قتل

اَڌ رات جو
ڪنهن بہ وقت
ريل جي لنگهڻ سان
ڪجھ ويجهو ڪان نہ
تمام پري ڪان
آواز ڏيئي ڪري
سڏائيندي آهي
منهنجي ننڊ کي
۽ هلي ويندي آهي
ريل
ننڊ ۾ دخل ڏيئي
ڪنهن بہ پٽڙيءَ تان
پنهنجي سفر تي
۽ خون جي بوند سان پريل
ڪپڙا پائي
من پٽڪندو آهي
آس پاس دير تائين
۽ موٽندو آهي
ننڊ پريل اکين سان
صبح ساڻ
ائين - جڻ
ننڊ جو قتل ٿي ويو
۽ اَپراڌي فرار.

# جيئڻ لائق جيون

صورت سهڻي
ڏاڍي سهڻي
کھڙي ڪم جي اَٿم
سيرت کان
گھڻو دور آهي
ڏانوَءِ ڏات کان
وانجھايل آهي!
ائين تہ سهڻا توهہ پڻ
پٽن ۾ پيا هوندا آهن
موهڻ لاءِ ڪافي آهي
پر
منو ميوو سمجھي
چکڻ سان
وِهہ جھڙا ڪوڙا
تمام ڪوڙا
کھڙي ڪم جا؟
ملهہ نہ ڏيندو آ اُنهن جو،
سيرت جا گل
پلي سهڻا نہ هجن
پر
سڳنڌ سرهي سرهي
سواسن کي
سرهو رکندي آهي
جيون جيئڻ لائق ڪندي آهي.

# بي اِنصافيءَ جي جئہ

هيئنان ڪان مٿي
هر هنڌ
سرڪاري - غير سرڪاري
آفيسن ۽ ادارن ۾
هلندو رهيو آ ڀرشٽاچار
هلي هلي ايڏو هليو آ
جو بڻجي ويو آ شِشٽاچار
هلي چليءَ جي روپ ۾
جڻ ڪو قاعدو
بڻجي بيٺو ڏڙڪ
گهمندو هجي ديش اندر
پوءِ
اِهو بهار هجي
يا
اُتر پرديش
پاڙ پٽڻ لاءِ
سرڪاري - غير سرڪاري ڪوششون
يا تہ چامڙيون آهن
يا تہ ناڪافي آهن
ڪورٽ بہ ڪڏهن
لولي لنگڙي لڳندي آهي
جڏهن بہ
بي انصافيءَ جي جئہ ٿيندي آهي.

# وهنوارن جو وهڪرو

ماس مڇي نہ کائيندڙ
پاپ نہ ڪندا آهن
اِئين بہ نہ آهي
مندر ۾ پڳوان کي پوڄيندڙ
پُڃ جي ڪمائي ڪمائيندا آهن
اِئين بہ نہ آهي
حج ۽ تيرٿ ياترا ڪندڙ
پاپن - گناهن جي
پڇاڙي ڪري اَچن ٿا
اِئين بہ نہ آهي
ستسنگ ۾ ويندڙ
سَتِ پَٿ تي هلن
اِئين بہ نہ آهي
اَهڙا گهڻيئي ٻيا دنيوي - سماجڪ
وهنوار آهن
ڪرڻ نہ ڪرڻ هر ڪنهن لاءِ
لازمي ناهي
تہ بہ
من کي مارڻ يا
رانوڻ کي مارڻ
هرڪنهن جي وس ۾ ناهي

هزارن ۾ هڪ
ڪنهن يڳ ۾
پيدا ٿيندو آهي رام
اُن من جي راوڻ کي
مارڻ لاءِ
اَڄ سوڏو ماريندو اَچي ٿو
هڪ مري ٿو
ٻيو ڄمي ٿو
ائين وهنوارن جي وهڪري ۾
وهندا رهن ٿا
ٻڌجي من راوڻ جوءِ
پڳوان آتم جو!

# وقت

موت ۽ زندگي
عاشق ۽ معشوق آهن ٻہ
جن جو ڪڏهن نہ ڪڏهن پاڻ ۾
ٿيڻو آهي مِلنُ
۽ هڪ وقت ايندو
موت - زندگيء سان
ملڻ ايندو
تڏهن -
زندگي
هن جي ٻاڪر ۾ سمائجي ويندي
۽ - پوءِ اِئين ٿيندو - بس.
هڪ عاشق پنهنجي معشوقا کي
دنيا کان
ڪٿي هليو ويندو - هليو ويندو
دوُر دوُر.

# آتما پرماتما

نديءَ جي ڪناري تي
ريتيءَ تي رکيل
هڪ وڏي پٿر تي ويهي
پنهنجي پيرن کي
آلو ڪندي،
پاڻيءَ جي ٿڌاڻ
محسوس ڪري رهيو هوس
۽ نديءَ جي باري ۾
سوچيندي
پنهنجي زندگيءَ کي
اڪيلو سمجهي رهيو هوس
ڪيئن وهندي وڃي ٿي
لڳاتار
بنا رُڪڻ
ڪِنِ کي آلو ڪندي
تہ
ڪِنِ کي لوڙهيندي
بس وهندي وڃي ٿي
۽ آخر ۾
هي لنبو سفر طيءِ ڪري
وڃي ملي ٿي
هڪ مهاساگر ۾،
آتما - پرماتما ۾!

# صحتمند

هن وڏيءَ دنيا جي
ڪِنِ ساهتيڪارن سان
ملڻ ڪانپوءِ
منهنجي اتيت
انهن جي باري ۾
هڪ رايو
هيئن ڏنو:
پاڻ ڪي هڪ
اَلڳ
بلڪل اَلڳ
شخصيت سمجهن ٿا،
”منهنجون رچنائون چپچ
هر هڪ جي هڪ ڪاپي
مون ڏي موڪلڃ
مان اتان گذران
تہ چانهہ - ناشتو
۽ آجيان ڪڃ...“
اُمالڪ ئي
منهنجي آتما
پڇي چڏيو :
”دادا گير
يا ساهتيڪار؟“

# رفتار

جل جي
وهندڙ ڌارا هڪ گتيءَ سان
مڌر آواز ڪندي ڪندي
هيٺ مٿي
لڏندي لمندي
مستيءَ ۾
ڪڏندي جهومندي
خوشيءَ جا
گيت ڳائيندي
ماڻهوءَ جي من کي
پرسن ڪندي ڪندي
وهندي وڃي ٿي
تہ ڪيڏو نہ پرڀائي ٿي
دل کي لڀائي ٿي!
اِ ها رفتار
اَگر ڪٿي بيهجي وڃي!
تہ هڪ در گند
پنهنجو هڪ وجود ظاهر ڪندي
ماحول کي
بڻائي ڇڏيندي بيمار
من جي اُمنگن کي
ڪري ڇڏيندي
مايوس ۽ بيقرار.

# عورت

ڪٿي تہ ماءُ آهين
ڌيءَ بہ تون ئي آهين
ڪٿي تون آهين سَسُ
نونهن بہ تون ئي آهين
ايڪتا ۾ رهڻ سيکارين
ڏار ڪندڙ چوَ! تون ئي آهين
ڏيتي ليتي ڏين ونين
ناراض بہ تنهن تي تون ئي آهين
نمرتا جي تون مورتي
ممتا جي مورت تون ئي آهين
توکي بگاڙيو خود سماج
پاڻ سنڀاليندڙ تون ئي آهين!

# ياد تنهنجي

تنهنجي تيز تکين
نگاهن جي تيرن
دل منهنجي زخمي ڇڏي آ
تنهنجي نظرن جي زبان کُلي هئي
منهنجي اَکين هڪ ڳالهه ڪئي
تنهنجي پهرين نظر ۾ ئي
ڪجهه ڪجهه ٿيو هو
منهنجي دل ۾
گهڻو گهڻو ڪجهه ٿيو
خوبصورت تنهنجو چهرو
ڇتائي ڏنم
تنهنجي اَکين ۾ هئي هڪ چمڪ بي نظير
اِن کان متاثر ٿي هرهنڌ بس!
توکي ئي ٿي ڏسندو رهيس
بس ڏسندو رهيس.
تنهنجي يادن جا زخم نوان نوان آهن
هاڻي بہ تازا آهن
آخر ڪٿي لکين آهين تون
تنهنجي ڳالها ۾ رستو تہ ڪٿي ئي نٿو
اِهو تہ وڃي ٿو اَڳيان اَڳيان
لنبو ٿيندو!
لنبو ٿيندو!!

# سنڌي دل وارا

اَسين سنڌي آهيون سنڌ وارا دل وارا
ڪڏهن نہ وساريو آ سنڌ کي
سنتن درويشن جي دُعا جا گُهرجائو
ڪڏهن ڌرم نہ وساريو آ
مندرن ٽڪاڻن ۾ ميلا ملهائي
جڳايو آهي جهولڻ دلين ۾
پل ڏني نہ آ اَسان سنڌ جي منڙي يومي
نہ لڳايو آ تلڪ تنهن پاڪ پٽيءَ جو
تہ بہ اَندر ۾ آهن سنڌ جا سپنا
سنڌو نديءَ سندر ساڌ ٻيلو
موهن جي دڙي جا اَصلي منظر
وسري نٿو شهيد سچو ڀڳت درويش ڪنور
شاهہ - سچل - ساميءَ جي يومي
جنهن جا اَسين اَصلي سنڌي
آهيون لعل - سپوت همٿ وارا
اَسين سنڌي آهيون
سنڌ وارا - دل وارا ... ...

# تون ئي تون

تصوير تنهنجي ڏسندو آهيان روز
سپني ۾ توسان ملندي
هڪ روح رهاڻ ڪندو آهيان روز
ڪارو ڪاجل تنهنجي اَکڙين ۾
ڳلن تي لالي سرخ آ
گلاب جون پنکڙيون تنهنجا لب
تنهنجي مشڪ دلڪش ماڻيندو آهيان روز
ڪايا تنهنجي سنهڙي سموهت ڪري
چال تنهنجي هرڻيءَ کي هارائي
نخرو تنهنجو هڪ هڪ تصوير دلڪش
چنڊ جي چانڊاڻ ۾ تون بسين
سورج جي ڪرڻن ۾ تون ئي تون
جِت ڪِٿ توکي پسندو آهيان روز
منهنجي هر ڪلپنا جي شروعات
تون ئي تون
دل جي دروازو کولي مان چائونٿ تي
گل وچائي وهندو آهيان روز
تنهنجي ئي سواگت ۾
ساز سريلا وڄائي انتظار ۾
گيت ڳائيندو آهيان روز

اُميد اَٿم ملنديۡن مونکي -
ايندين هن جنم کانپوءِ
ايندڙ ٻئي جنم ۾ پڻ
جنم جنم جو ساٿ
تنهنجو منهنجو رهندو اَوَس
چو تہ مان - صدين کان اَڃ تائين
منڙي
تنهنجو بس
ديوانو رهيو آهيان روز
تصوير تنهنجي ... ...